ڊاڪٽر مهر خادم

# مرزا قليچ بيگ جي نظر ۾ سچل سرمست جي شاعري


***Abstract:***

**Poetry of Sachal Sarmast in the views of Mirza Kalich Beg**

Mirza Kalich Beg is a great multidimensional personality of Sindhi literature. Being a great poet, translator, critic and researcher, he contributed greatly to the Sindhi Literature. He was a humanist and spent his life in reading and writing almost all forms of literature. He is known as Shams-ul-Ulma "The Sun of Scholars". He was a poet of nature and wrote treatise on a variety of themes. His Poetry is simplistic and natural and touches upon mysticism. As a historian he traveled extensively, and spend major part of his life performing duties in different offices at the Khairpur state. During this period he came in contact with Talpurs, the then rulers of Khairpur state. Being a well – read man of letters, he also penned down "Khairpur ge tareekh," which paints various historical and beautiful aspects of Khairpur. Mirza visited Sachal Sarmast's shrine and read his poetry greatly. Sachal saeen's mysticism is reflected in Mirza's work. The major objective of this paper is to trace his views on Sachal Saeen's poetic work.


**سچل** سرمست جو جنم ١٧٣٩ع ۾ ٿيو ۽ ١٨٢٧ع ۾ وفات ڪيائين، جنهن جي ٢٦ سال ڪان پوءِ، مرزا قليچ بيگ جو جنم ١٨٥٣ع ۾ ٿيو ۽ اِهو اُهو سياويڪ سال به هو، جنهن سال سنڌيءَ جي موجوده صورتخطي قطعي صورت اختيار ڪئي.

مرزا قليچ بيگ جي شاعري، ڪلاسڪس ۽ جديديت جو امتزاج آهي، جنهن ۾ ڪلاسيڪل شاعرن وارو رنگ به آهي ته وري، جديد سوچ ۽ فڪر جو استعمال به ملي ٿو. مرزا قليچ بيگ جي سموري شاعري، علم عروض تي تخليق ٿيل آهي، سندس شاعريءَ ۾ انسان شناسيءَ واريون ڪيفيتون به ملن ٿيون ته، وري سندس شاعري صوفياڻو فڪر به پيش ڪري رهي آهي، تصوف ڪي هر باشعور انسان پسند ڪري ٿو، پوءِ ڀلي اُهو ڪهڙي به مذهب سان تعلق رکندڙ هجي. مرزا قليچ جي نظر ۾ تصوف وارو مذهب صلح ڪُل جو سڀ ڪان بهتر آهي، جو نج اسلام آهي ۽ جنهن ۾ سڀ اصلوڪا





مذهب اچي وڃن ٿا ۽ جنهن موجب سڀ انسان فرق ڪان سواءِ هم مذهب ۽ ڀائر ٿي سگهن ٿا.(١)

آءُ سمجهان ٿو ته، آڳاٽي شاعر يا همعصر شاعر ڪان متاثر ٿيڻ اهڙو ئي فطري عمل آهي، جهڙو ڪنهن به ٻوليءَ لاءِ ٻين ٻولين جي لفظن ڪي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ.

سچل سرمست اهو برک شاعر آهي، جنهن جي جدت ۽ سچائيءَ ڪان سندس همعصر توڙي موجوده وقت جا ملڪي سمورا صوفي ۽ جديد شاعر به فڪري ۽ فني طور متاثر رهيا آهن. جن جي ثابتي سندن شاعري آهي. شيخ اياز ۽ ٻين ڪيترن ئي جديد شاعرن، سچل سائينءَ جو نالو وٺي سندس شاعريءَ جي عظمت ڪي فڪري طور ساراهيو آهي. ڪجھ شاعرن ڀلي ڪٿي سچل سائينءَ جو نالو پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال نه به ڪيو آهي، پر سندن شاعري، فڪري طور تي سچل سائينءَ ڪان متاثر ٿيڻ جي شاهدي ڏئي رهي آهي. بلڪل ائين ئي جيئن مرزا قليچ بيگ، پنهنجي پوري شاعريءَ ۾ ڪٿي به، سچل سائينءَ جو نالو نه ورتو آهي. پر تنهن هوندي به، مرزا قليچ بيگ تي فڪري طور سچل سائينءَ جو اثر نمايان طور نظر اچي ٿو.

مرزا قليچ بيگ جو ننڍو پاءُ، مرزا علي قلي بيگ، سنڌ جو اهو تعليمي ماهر هو، جنهن ڪي زندگيءَ ۾ پهريون پيرو شاعري پڙهڻ ڏانهن راغب ڪيو. سچل سائينءَ جي شاعريءَ پيدا ڪرايو. پاڻ لکي ٿو: "شاعرن جي ڪلام ٻڌڻ جو شوق به پهريائين مون ڪي هن فقير جي ڪلام ٻڌڻ ڪان پيدا ٿيو هو. آءُ، ننڍي هوندي ڪان هي ڪلام ٻڌندو ايندو هوس چاڪاڻ ته فقير شير خان، جنهن ڪي حيدرآباد جي پسگردائي ۾ شير علي فقير ڪري چوندا هئا، جو سچل فقير جي معتبر شاگردن يا ٻالڪن مان هڪڙو هو، تنهن جو پٽ ميان مير محمد اسان جي ڳوٺ يعني ٽنڊي نوڙهي ۾ مير ڪرم علي خان جي خدمتگارن مان پرڙيل هو ۽ انهيءَ فقير شير خان جا ٻالڪا فقير قادر بخش ۽ نورو شاهہ جي حيدرآباد جي پسگرائيءَ ۾ ڪلام ڳائڻ ڪري بلڪل مشهور هئا، تن جو اتي ڪڏهن ڪڏهن اچڻ پيو ٿيندو هو. تنهن ڪري مون ڪي ڪلام ٻڌڻ جو گهڻو وجھ ملندو هو."(٢)

مرزا علي قلي بيگ نه، صرف سچل سائينءَ جي ڪلام ڪان متاثر ٿيو. پر سچل سائينءَ جي سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام ڪي سهيڙي ١٩٠٢ع ۽ ١٩٠٣ع ۾ ٻن جلدن ۾ شايع ڪرايو ان مان ثابت ٿئي ٿو ته، مرزا قليچ بيگ به، سچل سائينءَ جي ڪلام ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفياڻي شاعريءَ کي نہ صرف پڙهو هوندو پر پڙهيو بہ ضرور هوندو. مرزا قليچ، خود سچل سائينءَ جي درگاهہ جي زيارت سان گڏوگڏ، ان وقت جي گادي نشين سان بہ ملي چڪو هو، پنهنجي سوانح عمريءَ ۾ لکي ٿو تہ: آءٌ راڻيپور، درازا ۽ گمبٽ ڏانهن ويس ۽ زيارت ڪيم. پير صاحب ۽ فقير صاحب سان گڏيس.(۳)

راڻيپور ۽ گمبٽ جا گادي نشين پير سڏائيندا آهن ۽ درازا شريف جا گادي نشين، فقير سڏبا هئا.

مرزا قليچ بيگ جي شاعريءَ تي، سچل سائينءَ جي شاعريءَ جا فڪري طور تي گهرا اثر نظر اچن ٿا.

دين اسلام جي حوالي سان پنج رڪن اهم آهن. انهن پنجن رڪنن مان هڪ رڪن حج بہ آهي، جنهن کي ادا ڪرڻ لاءِ سرنديءَ وارا مسلمان مڪي شريف وڃي ڪعبة الله شريف جو طواف ڪندا آهن. صوفين وٽ پاڻ سڃاڻڻ جي حوالي سان، هڪ تصور اُهو بہ آهي تہ: ”خدا تعاليٰ انسان جي وجود ۾ موجود آهي. “قُرآن پاڪ ۾ بہ آهي تہ: ”ونحن اقرب اليه من حب اللوريد“، ”خدا تعاليٰ انسان کي ساهہ جي رڳن کان بہ ويجهو آهي.“، ڪعبو خدا تعاليٰ جو گهر آهي، يعني اُتي خدا تعاليٰ جي حضور ۾ حاضر ٿي اُنَ جو طواف ڪيو ويندو آهي. ان ئي خيال کي سچل سائين ۽ مرزا قليچ بيگ صوفاڻي اندازَ سان پيش ڪيو آهي:

ڪعبہ چائي وتدئين نال، هور ڪعبي دا ڪيها خيال.(۴)

(سچل سائين)

جڏهن حج جو آءٌ ڪريان ارادو ٿو ادا،
مون وٽ ڪري پند ٿو اچي ڪعبو سدا.(۵)

(مرزا قليچ بيگ)

صوفين کي سمجهڻ، ڪا سولي ڳالهہ نہ آهي. هُو ظاهر ۾ بہ ڳالهائيندا آهن تہ اشارن، ڪناين ۽ علامتن ۾ بہ، فڪر جو اظهار ڪندا آهن. ظاهربين ماڻهو سندن رمزن کي سمجهي نہ سگهندا آهن، اهوئي سبب آهي جو ڪين ڪڏهن مسلمان سمجهيو ويندو آهي تہ ڪڏهن ڪافر، پر جيئن تہ حقيقي صوفين جي لنوَ پنهنجي حقيقي محبوب ۽ ڪائنات جي مالڪ سان لڳل هوندي آهي، ان ڪري هو سموريون ملامتون سِرَ تي ڪٽي بہ پنهنجي رَبَ پاڪ کي پاڻ ۾ موجود سمجهندي، جهان ۾ گهُمندا ڦرندا آهن. هُو لوڪ





جي پرواهہ نہ ڪندا آهن، جيئن سچل سائينءَ فرمايو آهي، تہ:

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، آءٌ جوئي آهيان، سو ئي آهيان.
ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪو ساحر چوي ڪو شاعر چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.(۶)

سچل سائينءَ جي فڪر کان متاثر ٿي، مرزا قليچ بيگ فرمايو تہ:

چوي مون کي ڪو مسلم ٿو، ڪو ڪافر ٿو چوي ڪارو،
حقيقت دين منهنجو ٿيو، بهتر مذهبن وارو.(۷)

محبوب جي حڪم جي فرمانبرداري جيتري صوفي شاعرن ڪئي آهي. اوتري ڪنهن بہ شاعر نہ ڪئي آهي. صوفي شاعر، محبوب کي علامت طور پيش ڪندا آهن، سندن محبوب ڪٿي الله تعاليٰ هوندو آهي ۽ ڪٿي وري مرشد! ان ئي خيال کي سچل سائينءَ هن طرح پنهنجي سرائڪي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي:

هِڪَ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا تہ: ”مي پيالا پيوين!“
آکيم: ”اينوين، سائين اينوين!“
”اپڻي ذات لُڪا اِت ٻينَين، تيڏا مطلب تيسي ڪيوين؟“
آکيم: ”اينوين، سائين اينوين!“(۸)

سچل سائينءَ جي ساڳئي فڪر کي مرزا قليچ بيگ پنهنجي غزل، ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي:

چيو يار، ”ڏس نہ ڪنهن ڏي، مون ري“ چيمُ، ”اکين سان!“
”پڙ ڪر نظر نہ چوريءَ مون ڏي“، چيم، ”اکين سان!“
چيئين، ڏينهن جو تہ ”آهي اونداهي، رات ڪاري
اندر وڃي ڏِيو آءُ ٻاري“، چيم، ”اکين سان!“(۹)

حقيقي صوفي دل جا صاف ٿيندا آهن. هُو ظاهري لباس پائي زوريءَ صوفي نہ سڏائيندا آهن ۽ نہ ئي ڪپڙا رنڱائي ماڻهن کي دوکي ۾ رکندا آهن: صوفي عمل سان سڃاتو ويندو آهي. اهڙي ئي خيال کي سچل سائينءَ پنهنجي اردو ڪلام ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي:

جوگی جگت کرتا نہیں، کپڑا رنگا تو کیا ہوا؟
دل کا اندر رنگا نہیں، جوگی بنا تو کیا ہوا؟(۱۰)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ساڳئي خيال کي مرزا قليچ بيگ هن طرح شاعريءَ جو روپ ڏنو آهي:

”’قليچا!‘ صفا رک دل، ٿين جو صوفي
رنگين چو ڪپڙا منجھ گيڙوءَ سندي رگ؟“(١١)

صوفي درويش، حقيقي محبوب جي محبت ماڻڻ کي ئي پنهنجي منزل سمجھندا آهن. هُو دنيا جي مطلبن کي ڪا بہ اهميت نہ ڏيندا آهن. صوفي، عمل جا پيروڪار ٿيندا آهن. جنهن ڪري ظاهر پسندن کي هُو ننديندا بہ آهن. اهڙن ئي خيالن جي عڪاسي ڪندڙ، سچل سرمست جو هي اردو غزل بہ آهي:

جس عشق میں سر نہ دیا، جگ میں جیئا تو کیا ہوا؟
پڑھتا عمل کرتا نہیں، عالم بنا تو کیا ہوا؟
قاضی کتاباں کھول کے، مسلا پڑھا تو کیا ہوا؟
دل کا عمل کرتا نہیں، قاضی بنا تو کیا ہوا؟
حاجی مدینہ شہر کوں، سجدہ دیا تو کیا ہوا؟
دل کا کفر ٹوٹا نہیں، حاجی بنا تو کیا ہوا؟(١٢)

ساڳئي خيال ۽ غزل جي گھاڙيٽي ۾ ساڳئي فڪر کان متاثر ٿي مرزا قليچ بيگ پنهنجي سنڌي غزل ۾ هن طرح سان اظهار ڪيو آهي:

دنيا ۾ دل جو مطلب، پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو؟
آخر مليو نہ جي رب، ٻيو سڀ مليو تہ ڇا ٿيو؟
ٿئين علم ۾ جي ڪامل، ڪر پڻ عمل کي شامل
عالم جي ٿيو نہ عامل، دفتر لکيو تہ ڇا ٿيو؟
آهي ’قليچ‘ ارمان، ڪيو شرڪ توکي شيطان
مَنُ جي نہ ٿيو مسلمان، ڪلمو پڙهيو تہ ڇا ٿيو؟(١٣)

## حاصل مطلب:

مرزا قليچ بيگ، سچل سرمست جي شهر درازا کان واقف هو ۽ سچل سائينءَ جي مزار جي حاضري بہ سندس پريل هئي. درازا شريف جي درويشن جي ڪيس ڄاڻَ هُئي. هُو سچل سرمست جي ڪلامَ کان واقف هو، نہ صرف سچل سائين جي شاعري ٻڌل هئي، پر سندس شاعريءَ جو گھرو اڀياس بہ ڪيل هو، تڏهن تہ ساڳئي انداز ۾ فڪر سان





سندس شاعري سرجيل آهي. مرزا قليچ بيگ، صوفي خيال وارو انسان دوست شاعر ۽ اديب هو، جنهن وٽ نہ فرقي پرستي هئي ۽ نہ ئي ننڍ وڏائيءَ وارو تصور هو. مرزا قليچ بيگ جي نندي ڀاءُ، مرزا علي قلي بيگ، سچل سائينءَ جي سنڌي، سرائڪي ۽ اردو شاعري ترتيب ڏئي، ١٩٠٢ع ۽ ١٩٠٣ع ۾ سکر مان شايع ڪرائي، جنهن مان بہ واضح ٿئي ٿو تہ، مرزا قليچ بيگ، سچل سائينءَ جي شاعريءَ کان بخوبي واقف هو. مرزا قليچ جا خيرپور جي ميرن سان ويجھا تعلقات هئا ۽ خيرپور جا مير صاحبان وري سچل سرمست جا عقيدت مند ۽ شعر شناس هئا. اهي سموريون ڳالهيون واضح ڪن ٿيون تہ، مرزا قليچ بيگ، سچل سرمست جي شاعري ۽ فڪر کان بخوبي واقف هو. تڏهن تہ ان جي فڪر کي پسند ڪندي ۾ ان کان متاثر ٿي سندس ڪافي شعر لکيل آهن.

## حوالا


١. مرزا، قليچ بيگ، ’سائو پن يا ڪارو پنو‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو ٻيون، ١٩٨٨ع، ص: ٩٥.
٢. مرزا، علي، قلي، بيگ، ’رسالو ميان سچل فقير جو‘، ماستر هري سنگھ تاجر ڪتب، نئون سکر، ١٩٠٢ع، ص:١.
٣. مرزا، قليچ بيگ، حوالو ١، ص: ٢٤٣.
٤. راڻيپوري، محمد صادق، حڪيم، مولانا، ’سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٻيو ڇاپو، ١٩٨٢ع، ص: ٢٥٧.
٥. مرزا، قليچ بيگ: حوالو:١، ص: ١٢٦.
٦. مرزا، علي قلي، بيگ: حوالو: ٢، ص: ٧٦.
٧. مرزا، قليچ بيگ، حوالو: ١، ص: ٩٧.
٨. راڻيپوري، محمد صادق، حڪيم، مولانا، حوالو: ٦، ص: ٢١٠.
٩. مرزا، قليچ بيگ: ديوان قليچ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ـ ١٩٨٩ع، ص: ٢١٥.
١٠. مهر خادم، ’سچل سرمست دا اردو ڪلام‘، سرائڪي ادبي مجلس، بهاولپور، ٢٠٠٥ع، ص: ٦٧.
١١. مرزا، قليچ بيگ، حوالو: ٩، ص: ١٧٤.
١٢. مهر خادم، حوالو: ١٠، ص: ٦٧.
١٣. مرزا، قليچ بيگ، حوالو: ٩، ص: ٢٦٨ ۽ ٢٦٩.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair